# مسلمان جي پرده پوشي جا فضائل

هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مسلمان جي پرده پوشي جا فضائل

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ نامدار، پنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خُشبودار آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن کي موڪليندو آهي، جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سَون جا قلم هوندا آهن، اُهي خميس ۽ جُمعي جي رات مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهڻ وارن جان نالا لکندا آهن. (كنز العمال،كتاب الاذكار،الباب السادس فى الصلاة ...الخ ،الجزء١،١/٢٥٠، رقم:٢١٧٤)

کيوں کہوں بيکس ہوں ميں کيوں کہوں بے بَس ہوں ميں    تم ہو ميں تم پر فِدا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڃائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل**



www.dawateislami.net

آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مخلوقِ خُدا جي عيبن کان بي نيازي

حضرت سَيِّدُنا عَلامہ عَبدُالوَهاب شَعرَاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: هڪ ڀيري سَيِّدُنا امامِ اعظم اَبُوحَنِيفَه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪوفي جي جامع مسجد جي وُضو خاني ۾ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ نوجوان کي وُضو ڪندي ڏٺو، ان کان وُضو (۾ استعمال ٿيل پاڻي) جا قطرا ٽِمي رهيا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمايو: ”اي پُٽ! ماءُ پيءُ جي نافرماني کان توبهه ڪر، ان عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، هڪ ٻئي شخص کي وضو جي پاڻي کي ملاحظ ڪيائون پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان شخص کي فرمايو: اي منهنجا ڀاءُ بدڪاري کان توبهه ڪر، ان عرض ڪيو:



www.dawateislami.net

مون توبهه ڪئي، ۽ هڪ ٻئي شخص جي وضو جي پاڻي کي ڏٺائون ته ان کي فرمايائون: شراب پيئڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ کان توبهه ڪر. ان عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، حضرت سَيِّدُنا اِمامِ اَعظَم اَبُو حَنِيفَه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تي غيبي ڳالهين جي اظهار جي سبب جيئن ته ماڻهن جا عَيبَ ظاهر تي ويندا هئا، لهٰذا پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ غيبي ڳالهاين جي اظهار جي ختم ٿيڻ جي دعا گُهري، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن جي دعا قبول فرمائي، جنهن سان سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي وُضو ڪرڻ وارن جا گناه ڇڻندي نظر اچڻ بند ٿي ويا.[1]

جو بے مِثال آپ کا ہے تقویٰ تو بے مِثال آپ کا ہے فتویٰ

ہیں علم و تقویٰ کے آپ سنگم امامِ اعظم ابُو حنیفہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪا حڪايت اسان هينئر ٻُڌي، ان مان هي به معلوم ٿيو ته اسان جا اِمام، ڪروڙين حَنَفين جا عظيم پيشوا، **اِمامِ اعظم ابوحنيفه** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي وڏي شان ۽ عظمت آهي، پاڻ باڪرامت بزرگ آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نگاهِ وِلايت ڪشف جي ذريعي ماڻهن جي وضو ۾ استعمال ٿيڻ واري پاڻي ۾ انهن جون نافرمانيون ڏسي وٺندا هئا، بيشڪ هي سندن جي عظيم ڪرامت هئي، سندن کي ماڻهن جي عيبن تي مُطَّلَع ٿيڻ گوارا نه هو ۽ دُعا جي ذريعي غيبي ڳالهين جو اِظهار ٿيڻ ختم ڪرائي ڇڏيو. هتي اُهي ماڻهو عبرت حاصِل ڪن جيڪي حضرت سَيِّدُنا **اِمامِ اعظم** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مَحبَّت جي دعويٰ ڪندا آهن، پر زبردستي اُبتا سُبتا سُوال ڪري ماڻهن جي عَيبن کي ظاهر ڪرڻ ۾ مشغول رهندا آهن، ياد رکو! بِلا مَصلَحتِ

---

1… فتاویٰ رضویه ٦٥/٢ـالمِيزانُ الكبرىٰ ،كتاب الطهارة،الجز ء١،١ / ١٣٠ ملتقطاًو ملخصاً



www.dawateislami.net

شَرعي حاجت کان سواءِ ڪنهن مسلمان جو عَيب معلوم ڪرڻ يا ظاهر ڪرڻ گناهه حرام ۽ جهنَّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

سيپاري 26 سُوْرَۃُالْحُجُرَات، آيت نمبر (12) ۾ خداءِ ستّار عَزَّوَجَلَّ بيان جي اندر بُرائين کي تلاش ڪرڻ کان منع ڪندي اِرشاد فرمايو:

وَّلَا تَجَسَّسُوْا (پ٢٦،الحجرات:١٢) ترجَمو ڪنزالايمان: ۽ عيب نه ڳوليو.

صَدرُ الْافاضِل حضرت علّامه مَولانا سَيّد مُفتي محمد نعيمُ الدِين مُراد آبادي رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ هن آيت جي تحت لکن ٿا: يعني مسلمانن جي عيب جوئي نه ڪريو ۽ اُن جي لڪيل حال جي تلاش ۾ نه رهو، جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي سَتّاري سان لڪايو. (مزيد فرمائن ٿا) **حديث شريف** ۾ آهي: گمان کان بچو، گمان وڏي ڪوڙي ڳالهه آهي ۽ مسلمانن جي عيب جوئي نه ڪريو، ان سان گڏ لالچ و حسد، بُغض ۽ بيدَردي نه ڪريو، **اي الله تعاليٰ جا ٻانهؤ!** ڀاءَ ڀاءَ بڻجي رهو، جيئن ته توهان کي حڪم ڏنو ويو، مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي، ان تي ظُلم نه ڪريو، ان کي ذليل نه ڪريو، ان جي بي قَدري نه ڪريو. (پوءِ پنهنجي مُبارڪ سينءِ بي ڪينه جي طرف اشارو ڪندي فرمايو) تقويٰ هتي آهي، تقويٰ هتي آهي، تقويٰ هتي آهي. (خزائن العرفان،ص ٩٥٠ملخصاً)

گاليان جو بکيں عيب بھی نہ ڈھکيں اُن کو کس نے کہا؟عاشقانِ رسول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! يقينن اُهي مسلمان خُوش نصيب آهن جيڪي پنهنجي ڪم سان ڪم رکندي پنهنجي نَفْس جي نِگهباني ڪندا آهن ۽ ٻين



www.dawateislami.net

جي عيب ڳولهڻ جي بجائي پنهنجي ذات ۾ مَوجود عيبن کي دُور ڪرڻ جي لاءِ ڏينهن رات مصروف رهندا آهن ۽ جيڪڏهن اُنهن کي پنهنجي مسلمان ڀائرن جا عَيبَ ڪنهن طرح معلوم ٿي به وڃن ته شيطان جي چڪر ۾ اچي ڪري اُن جا عيبَ ظاهر ڪرڻ جي بجائي رِضائي الٰهي جي لاءِ پرده پوشي ڪندي ۽ ثوابِ آخرت جا حقدار بڻجندا آهن. عقلمندي جو تقاضو به اهو ئي آهي ته جڏهن ڪنهن ٻئي جا عيب بيان ڪرڻ جو جيءُ چاهي، ان وقت پنهنجي عيبن جي طرف مُتَوجهه ٿي ڪري اُن کي دُور ڪرڻ ۾ لڳي وڃڻ گهرجي، خُدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هي تمام وڏي سعادت مندي آهي جيئن ته

نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: طُوْبٰى لِمَنْ شَغَلَهُ عَيْبُهُ عَنْ عُيُوْبِ النَّاسِ يعني ان شخص جي لاءِ خوشخبري آهي ،جنهن کي سندس عيبن،ماڻهن جا عيب بيان ڪرڻ کان باز رکيو. (فِرْدَوْس الاخبار،٢ /۴۶،باب الطاء، حديث:٣٧۴٢)

## پرده پوشي جو مؤثر طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته پنهنجي مسلمان ڀائرن جي غيبتن ۽ بُرائين کان بچڻ جو هڪ مؤثّر طريقو هي به آهي ته انسان پنهنجي اندر ملندڙ خامين جي طرف نظر ڪري، ڇو جو جڏهن ان جي نظر پنهنجي بُرائين تي پوندي ته يقينًا ان جي دل ۾ هي خواهش پيدا ٿيندي ته منهنجي انهن بُرائين جي ڪنهن کي خبر نه پوي، تنهنڪري پنهنجي غَلَطين کي پوشيده رکڻ جو اهو ئي احساس ان کي پنهنجي مسلمان ڀائرن جي غَلَطي ۽ بُرائي کي پوشيده رکڻ تي آماده ڪري ڇڏيندو. اچو! انهيءَ جي متعلق بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى اَجْمَعِيْن جي نصيحتن تي مُشْتَمل ڪجهه مدني گُل ٻُڌون ٿا، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪرڻ جو ذهن بڻجندو. جيئن ته،



www.dawateislami.net

## پنهنجي بُرائين کي ياد ڪري وٺو

حضرت سَيِّدُنا عَبدُاللّٰه بِن عَبّاس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جن جو فرمان آهي: اِذَا اَرَدْتَ اَنْ تَذْكُرَ عُيُوبَ صَاحِبِكَ فَاذْكُرْ عُيُوبَكَ جڏهن تون پنهنجي ساٿي جون بُرائيون بيان ڪرڻ چاهين تہ پنهنجي بُرائين کي ياد ڪري وٺندا ڪريو.

(تَنبِيہُ الْغافِلين ،باب الغيبۃ،ص۸۸)

## سڀ ڪان وڌيڪ پسنديده ٻانهو

حضرتِ سيّدُنا حَسَن بَصرِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ارشاد فرمائن ٿا: اي ابنِ آدم! تون ان وقت تائين ايمان جي حقيقت کي حاصل نہ ڪري سگهندي، جيستائين ماڻهن جا عَيبَ تلاش ڪرڻ تَرڪ نہ ڪرين، جيڪي عَيبَ تون پنهنجي اندر موجود ڏسين اُن جي اِصلاح شروع ڪري ڇڏ ۽ اُنهن کي پنهنجي ذات کان دُور (ختم) ڪر، جڏهن تون ائين ڪندي تہ هي شيء توکي پنهنجي ئي ذات ۾ مشغول ڪري ڇڏيندي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ اهو ٻانهو سڀ کان وڌيڪ پسنديده آهي.

(موسوعۃ لابن ابی الدنيا،باب الغيبۃ و ذمہا،۴/ ۳۵۹ ،رقم:۶۰ )

## فِرِشتن جي دُعا

مشهور تابِعي بُزرگ حضرت سيدُنا مُجاهِد رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: جڏهن ڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ جو ڀلائي سان گڏ ذِڪُر ڪندو آهي، تہ ان سان گڏ رهڻ وارا فِرِشتا ان کي دُعا ڏيندا آهن تہ تنهنجي لاءِ بہ ائين ئي ٿئي ۽ جڏهن ڪو پنهنجي ڀاءُ کي بُرائي (يعني غيبت وغيره) سان ياد ڪندو آهي، تہ فِرِشتا چوندا آهن: اي انسان! تو تہ اُن جي پوشيده ڳالهہ ظاهر ڪري ڇڏي! ٿورو پنهنجي طرف ڏس ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ڪر تہ ان تنهنجو پردو رکيو آهي. (تَنبِيہُ الْغافِلين ،باب الغيبۃ،ص۸۸)



www.dawateislami.net

## ٻين جي عيبن کان غافل ڪرڻ واري شيءِ

حضرت سيدَتُنا رَابِعَه عَدَوِيَّہ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا فرمائن ٿيون: ٻانهو جڏهن الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت جو مزو چکي وٺندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان (شخص) کي سندس عَيبن تي مُطَّلَع فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ انهي سبب اهو ماڻهن جي عيبن ۾ مشغول نہ ٿيندو (بلڪ پنهنجي عيبن جي اِصلاح جي طرف مُتَوجه رهندو آهي)

(تَنبِيہُ الْمُغتَرِّيْن،ومن اخلاقہم:الاشتغال بعیوب انفسہم ...الخ، ص۱۹۷)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان مان هر شخص کي گهرجي تہ جهڙي طرح پنهنجي بُرائين ۽ عيبن جي باري ۾ ٻين کان پرده پوشي جي خواهش رکندو آهي، اهڙي طرح ٻين جي عيبن تي پردي رکڻ کي بہ پسند ڪري، ڇو جو ايمان جي ڪامل ٿيڻ جي علامت هي آهي تہ مسلمان ٻي جي لاءِ بہ اهو ئي پسند ڪري، جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪندو هجي جيئن تہ،

قُربان روزِ محشر دامن کا پردہ ڈھک کر عیبوں کو میرے سَروَر خود ہی چُھپا رہے ہیں

(وسائلِ بخشش،ص 302)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪامِل مُسَلمان جي نشاني

پياري آقا، مڪي مَدَني مُصَطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰي يحِبَّ لِاَخِيهِ مَا يحِبُّ لِنَفْسِهٖ توهان مان ان وقت تائين ڪو ڪامِل مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين جو پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ بہ اها شيءِ پسند نہ



www.dawateislami.net

ڪري، جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪندو آهي.(بخاری ، کتاب الایمان،باب من الایمان...الخ ،حدیث:۱۳،۱/۱۶ )

**حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: سمجهي ونو ته انسان جو اِيمان ان وقت تائين ڪامِل نٿو ٿئي، جيستائين جو اهو پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ ان شيء ڪي پسند نه ڪري، جيڪا اهو پنهنجي لاءِ پسند ڪندو آهي ۽ ڀائيچاري جو گهٽ ۾ گهٽ دَرَجو هي آهي ته پنهنجي ڀاءُ سان اهڙو مُعاملو ڪيو وڃي، جهڙو مُعاملو ان جي طرف کان پنهنجي حق ۾ پسند ڪندو هجي. اِن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته توهان پنهنجي ڀاءُ کان پنهنجي حق ۾ پرده پوشي، بُرائين ۽ عيبن تي سُڪوت (خاموشي) جي اُمّيد ڪندو آهين ۽ جيڪڏهن اُمّيد جي بَرخلاف ڪجهه ظاهر ٿئي ته يقينًا ان تي غضبناڪ ٿيندي، ته هي ڪهڙي بي عقلي آهي جو تون ان کان ته پرده پوشي جي اُمّيد رکين جڏهن ته خود ان جي عيبن تي پردو نه رکين. (احیاء العلوم،۲/۶۴۴-۶۴۵ملخصاً)

حديثِ قُدسِي ۾ آهي: عَجِبْتُ لِمَنْ يَّشْتَغِلُ بِعُيُوْبِ النَّاسِ وَ هُوَ غَافِلٌ عَنْ عُيُوْبِ نَفْسِهٖ يعني حَيرت آهي ان شخص تي جيڪو ماڻهن جا عَيبَ تلاش ڪرڻ ۾ ته مصروف رهندو آهي، پر پنهنجي عيبن کان غافل آهي.

(مجموعة رسائل الامام الغزالی،المواعظ فی الاحادیث القدسیة ،الموعظة الاولٰی ،ص۵۶۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مڪي مَدَني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مختلف موقعن تي مسلمانن جي عيبَ ظاهر ڪرڻ کان منع ڪندي پرده پوشي جا فضائل بيان فرمايا آهن. اچو ته! ترغيب جي لاءِ پرده پوشي جي فضائل جي باري ۾ 3 فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحَظَ ڪريون:



www.dawateislami.net

1. مَنْ رَاٰی عَوْرَۃً فَسَتَرَ ھَا كَانَ كَمَنْ اَحْيَا مَوْءُوْدَۃً مِّنْ قَبْرِھَا يعني جيڪو ڪنهن جو پوشيده عيب ڏسي، پوءِ ان کي، لڪائي تہ اهو ان شخص وانگر هوندو جنهن زنده دفنايل نينگري کي قَبر مان ڪڍي ڪري ان جي جان بچائي ورتائين.[1]

2. اِذَا اَرَادَاللهُ بِعَبْدٍخَيْرًا بَصَّرَهُ عُيُوْبَهُ يعني جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن بانهي سان ڀلائي جو اِرادو فرمائيندو آهي، تہ ان کي سندس عيبن کان باخَبَر فرمائي ڇڏيندو آهي.[2]

3. مَنْ سَتَرَ مُسْلِمًاسَتَرَهُ اللهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني جيڪو شخص ڪنهن مسلمان جي عيب پوشي ڪري، تہ خُدائي ستّار عَزَّوَجَلَّ قِيامت جي ڏينهن ان جي عيب پوشي فرمائيندو.[3]

مُفَسّرِ شَهير، حڪيمُ الاُمَّت مفتي اَحمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪيل آخري حديث جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: يعني جيڪڏهن ڪو حيا دار شخص پوشيده طور تي نامُناسب حرڪت ڪري ڇڏي، پوءِ پڇتائي تہ تون ان کي پوشيده طور تي ئي سمجهاءِ تہ جيئن ان جي اِصلاح ٿي وڃي، ان کي بدنام نہ ڪر، جيڪڏهن تو پنهنجي ڀاءَ تي پردو رکيو تہ الله تعاليٰ قيامت ۾ تنهنجي گناهن جو حساب پوشيده طور تي ئي وٺندو، توکي رُسوا (خوار) نہ ڪندو. ها! جيڪو ڪنهن کي تڪليف پهچائڻ جي خُفّيہ تدبيرون ڪري رهيو هجي يا لِڪي

---

1... مسنداحمد،مسند الشاميين، حديث عقبة بن عامر الجهنی،۱۲۶/۶،حديث:۱۷۳۳۴

2... شعب الايمان ، باب فی الزهد وقصر الأمل، ۳۴۷/۷،حديث:۱۰۵۳۵ملتقطاً

3... بخاری،،کتاب المظالم والغصب،۱۲۶/۲، حديث: ۲۴۴۲



www.dawateislami.net

ڪري بُريون حرڪتون ڪرڻ جو عادي ٿي چُڪو هجي ته، ان جو اِظهار ضرور ڪر ته جيئن اهو شخص اِيذاء کان بچي وڃي يا هي شخص توبهه ڪري وٺي. مطلب هي ته صرف بدنامي کان ڪنهن کي بچائڻ بهتر آهي، پر ان جي پوشيده ظُلم کان ڪنهن ٻئي کي بچائڻ يا ان جي اِصلاح ڪرڻ به بهتر آهي، اهو فَرق خيال ۾ رهي. هتي صاحبِ مِرقات رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: جيڪو مُسَلمان جي هڪ عيب پوشي ڪري (لِڪائي)، ربّ تعاليٰ ان جي ست سو (700) بُرائين جي عيب پوشي فرمائيندو. (مرآة المناجيح،٦/٥٥١-٥٥٢ بتغير قليل)

کسی کی خامیاں دیکھیں نہ میری آنکھیں اور
سُنیں نہ کان بھی عیبوں کا تذکرہ یارَبّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل شرحِ حديث جي روشني ۾ معلوم ٿيو ته جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اندر اهڙي بُرائي ڏٺي وڃي جيڪا ٻين مسلمانن جي لاءِ باعثِ تڪليف هجي، ته ان صورت ۾ مسلمانن کي ان شخص جي نُقصان کان بچائڻ جي نِيت سان ان جي اها بُرائي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪو حَرَج ناهي بلڪ هي سٺي ڳالهه آهي، پر هن ڳالهه جو به خاص خيال رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن ضرورتًا ٻين جي سامهون ڪنهن جي بُرائي ظاهر ڪرڻي پوي ته وڌائي چڙهائي ڪري بيان ڪرڻ جي بجائي صِرَف اوتري ئي بُرائي ظاهر ڪئي وڃي جيتري قدَر ان جي ذات ۾ موجود آهي.

## اُگهاڙي ڪرڻ کان به وڌو گناهه

حضرت سيدُنا عيسيٰ رُوْحُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن پنهنجي حَوارين کي فرمايو: جيڪڏهن توهان پنهنجي ڀاءَ کي هن حال ۾ سُتل ڏسو جو هَوا ان تان



www.dawateislami.net

ڪپڙو هٽائي ڇڏيو آهي تہ توهان ڇا ڪندؤ؟ اُنهن عرض ڪيو: ان جي پرده پوشي ڪنداسين ۽ ان کي ڍڪينداسين. تہ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن فرمايو: بلڪ توهان ان جو پَردو هٽائي ڇڏيندؤ. حَوارين حَيرت وچان چيو: ڀَلا ائين ڪير ڪندو؟ تہ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن فرمايو: توهان مان ڪو پنهنجي ڀاءُ جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌندو آهي تہ ان کي وڌائي چَڙهائي ڪري بيان ڪندو آهي ۽ هي ان کي بَرَهَنہ يعني اُگهاڙي ڪرڻ کان وڌو گناهہ آهي. (احياء العلوم،۲/۶۴۴بتغيرقليل)

**الله اڪبر!** توهان ڏٺو تہ جيڪڏهن ڪنهن جي ضرورتًا بُرائي ظاهر ڪرڻي پوي، پر ان کي وڌائي چڙهائي ڪري بيان ڪرڻ ڪيترو وڏو گناهہ آهي. ظاهر آهي تہ پنهنجي طرف کان جيترو اِضافو ڪيو اهو سڀ ڪوڙ هوندو ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪبيره گناهہ آهي. بهرحال ڪنهن جي پوشيده بُرائي ڀين جي سامهون بيان ڪرڻ جي اجازت صِرَف اِنهيءَ صورت ۾ آهي تہ جڏهن اها بُرائي ڀين جي حق ۾ نُقصان ده هجي ۽ جيڪڏهن ائين ناهي تہ ڀين کي ٻڌائڻ ۽ سيني جي نظرن ۾ هڪ مُسلمان کي ذليل ۽ خُوار ڪرڻ جي بجائي اڪيلائي ۾ نرمي سان ان جي اِصلاح جي ڪوشش ڪئي وڃي، ڇو جو جيڪڏهن سيني جي سامهون توهان ڪنهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪندا تہ عين ممڪن آهي تہ اهو ضِدّي ٿي وڃي ۽ پنهنجي غَلَطي تسليم ڪرڻ جي بجائي اُبتو توهان کي رُسوا ڪري ڇڏي، تنهنڪري حتّي الاِمڪان تنهائي (اڪيلائي) ۾ نصيحت ڪئي وڃي تہ هي نهايت مؤثر ثابت ٿيندي آهي،جيئن تہ

## اڪيلائي ۾ نصيحت دَرحقيقت زينت آهي

حضرت سيدُنا اِمام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ارشاد فرمايو: جنهن پنهنجي مُسلمان ڀاءُ کي اڪيلائي ۾ سمجهايو ان (شخص) ان کي نصيحت ڪئي ۽ زينت



www.dawateislami.net

بخشي ۽ جنهن سيني جي سامهون سمجهايو، ان، ان کي رُسوا ۽ بدنام ڪيو. حضرت سيدُنا مِسعَر بن ڪِدام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان پڇيو ويو: ڇا توهان ان شخص کي پسند ڪندا آهيو جيڪو توهان کي توهان جي عيبن تي خبردار ڪري؟ فرمايو: جيڪڏهن تنهائي ۾ نصيحت ڪري ته پسند آهي ۽ جيڪڏهن سرِ عام سمجهائي ته پسند ناهي. (احياء العلوم،٢/٦٦٠ بتغيرقليل)

## پنهنجا سينا مسلمانن جي طرف کان صاف رکو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته اهي ٻين جي ٽوهه ۾ رهندا آهن ۽ پنهنجي ئي مسلمان ڀائرن جا عيبَ ۽ بُرائيون تلاش ڪندا رهندا آهن ۽ جڏهن پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن ته موقعي جي تلاش ۾ لڳي ويندا آهن ۽ پوءِ ان جي عزّت، وقار ختم ڪرڻ ۽ ٻين جي نظر ۾ ان کي ذليل ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن اهڙي محفل ۾ يا اهڙي مُعَزَّز شخصيت جي سامهون، ان جون ڪمزوريون ظاهر ڪندا آهن جو اهو ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل ناهي رهندو ۽ شرم کان پاڻي پاڻي ٿي ويندو آهي، حالانڪ نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تعليمِ اُمّت جي لاءِ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي مُخاطب ڪري ارشاد فرمايو: مون کي ڪو صحابي ڪنهن جي طرف کان ڪا ڳالھ نه پهچائي، آئون چاهيان ٿو ته توهان وٽ صاف سيني ۾ ايندو رهان. (ابوداود،ڪتاب الادب،باب رفع الحديث من المجلس، ٣٤٨/٤،حديث: ٤٨٦٠)

مشهور مُحَدّث حضرت سَيدُنا شيخ عبدُالحق مُحَدِّث دهلَوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي هن حصّي "مون کي ڪو صحابي ڪنهن جي طرف کان ڪا ڳالھ نه پهچائي" جي وَضاحت ڪندي فرمائن ٿا: يعني ڪنهن جي ڪوتاهي، بُري فعل، بُري عادت، ان هي ڇا ڪيو، يا ان هي ڇا چيو، فُلان هن



www.dawateislami.net

طرح چئي رهيو هو (اَلْغَرَض هن طرح جون ڳالهيون ڪو به ڪنهن جي باري ۾ نه پهچائي). (اشعة اللّمعات،كتاب الآداب،باب حفظ اللسان...الخ،۴/۸۳) ڳڌوڳڏ حديث شريف جي هن حصّي "آئون چاهيان ٿو ته توهان وٽ صاف سيني ۾ اچان." جو خُلاصو ڪندي مُفسِّرِ شهير، حڪيمُ الاُمَّت مُفتي اَحمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: (يعني) ڪنهن جي دُشمني، ڪنهن کان نفرت دل ۾ نه هجي. هي به اسان ماڻهن جي لاءِ هڪ قانون جو بيان آهي ته پنهنجي سيني کي (مسلمانن جي ڪيني کان) صاف رکون ته جيئن اُن ۾ مديني جا اَنوار ڏسون، نه ته حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سينهء رحمت، نورِ ڪرامت جو خزانو آهي، اُتي بُغُض ۽ ڪيني جي پهچ ئي ناهي. (مرآة المناجيح ، ۶/۴۷۲ ملخصاً)

بهرحال هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته ٻين جي ذات ۾ عيب ڳولهڻ وارا جيڪڏهن پنهنجو اِحتِساب ڪن ۽ پنهنجي عيبن تي هڪ سَرسَري نظر دوڙائين ته شايد پنهنجي ذات ۾ مَوجود عيبن جي ڪثرت ڏسي ڪري اُهي خود به حَيرت جي سَمُنڊ ۾ غَرَق ٿي وڃن پر آه! ڊگهيون اُمّيدون، دُنيوِي عيش و عِشرت جي چمڪ دَمڪ،خَوفِ خُدا کان مَحرومي ۽ گناهه تي گناهه ڪرڻ جي باوُجود رَحمتِ الٰهي تي بيجا يقين اُنهن کي پنهنجي اِصلاح کان غافل ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙا نادان دُنيا ۾ به ذِلّت جو مَزو چکندا آهن ۽ آخِرت ۾ به اُنهن کي رُسوائي کان عِلاوه ڪجهه هٿ نه ايندو. اچو ته! انهي متعلق هڪ حديثِ پاڪ ٻُڌون ۽ عبرت حاصل ڪريون جيئن ته

## مسلمانن جي عيبَ تلاش ڪرڻ جي سزا

الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبوب، دانائي غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: اي اُهي انسانو جن زبانن سان ته اِيمان آندو آهي، پر توهان جي دل ۾



www.dawateislami.net

اجا تائين اِيمان داخل ناهي ٿيو! مسلمانن جي غيبت ۽ اُن جا عيبَ تلاش نه ڪندا ڪريو، ڇو جو جيڪو مسلمانن جا عيبَ تلاش ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جا عيب ظاهر فرمائي ڇڏيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جنهن جا عيب ظاهر فرمائيندو آهي ان کي رُسوا (خُوار) ڪري ڇڏيندو آهي، چاهي اهو پنهنجي گهر ۾ هجي. (شعب الايمان،باب فی تحريم اعراض الناس ، ۲۹۶/۵، حديث: ۶۷۰۴) هڪ ٻئي مقام تي اِرشاد فرمايو: طعنو ڏيڻ، غيبت ۽ چُغل خوري ڪرڻ ۽ بي گُناه ماڻهن جا عيب تلاش ڪرڻ وارن کي الله تعاليٰ (قِيامت جي ڏينهن) ڪتّن جي شَڪل ۾ اُٿاريندو.

( الترغيب والترهيب،ڪتاب الادب،الترهيب فی النميمة،۳/ ۳۹۵، حديث:۴۳۳۳ )

نہ تھی حال کی جب ہمیں اپنے خبر رہے دیکھتے اَوروں کے عیب و ہُنر
پڑی اپنی بُرائیوں پہ جو نظر تو نگاہوں میں کوئی بُرا نہ رہا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ياد رهي! عُهدو، وزارت يا ڪو وڏو مرتبو ۽ مقام ملي وڃڻ يقينًا نعمتِ خداوندي آهي، پر عُهدو وغيره ملڻ کان بعد ڪجهه (ماڻهن) جي مِزاج ۾ بلڪل ئي تبديلي اچي ويندي آهي جو پوءِ اهي پنهنجي مُتَعَلِق ڪا خلافِ شان ڳالهه يا نصيحت ٻُڌڻ به گوارا نه ڪندا آهن ۽ بالفرض جيڪڏهن ڪو ويچارو اِصلاح جي غَرَض سان اُنهن ۾ مَوجود ڪنهن حقيقي عيب جي نشاندهي ڪري ڇڏي ته اهي آپي کان ٻاهر ٿي ويندا آهن، نتيجي ۾ خامي بيان ڪرڻ واري جي شامَت اچي ويندي آهي، ان غريب تي گارين جو وَسڪارو ڪيو ويندو آهي، جيڪڏهن هن سان به غُصَّو ٺڏو نه ٿئي ته هٿا پائي کان به ڪم ورتو ويندو آهي، آخرڪار هن جُرم جي بَدلي ان کي ڌِڪا ڏئي ڪري نوڪري مان ڪڍيو ويندو آهي. اسان جا بُزرگ عَلَيْهِمْ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام بي شمار خُوبين جا



www.dawateislami.net

مالڪ هئا ۽ عُهدي وغيره ملي وڃڻ ڪان پوءِ بہ اُن جي روز مَرَّه جي معمولات ۾ ڪو مَنفي فرق نہ ايندو هو بلڪہ مزيد مُحتاط ٿي ويندا هئا، اهي حضرات نَفْس ۽ شيطان جي چالن ڪان هوشيار رهندا هئا ۽ وقتًا فوقتًا پنهنجي ماتحتن ڪان پنهنجي مُتَعَلّق پڇندا هئا، جيڪڏهن ڪو ٻڌائيندو هو بہ تہ توهان ۾ فُلان فُلان عيب آهي تہ اُن جي چهرن تي ناگواري جو ذرّي برابر بہ اَثَر ڏسڻ نہ ايندو هو جيئن تہ،

## سيدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو طرزِ عمل

خليفہءِ دُوَم اَميرُالْمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ عيبن تي مُطَّلَع ٿي وڃڻ کي تحفو خيال ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا :اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان شخص تي رَحم فرمائي، جيڪو پنهنجي ڀاءَ کي عيب تي مُطَّلَع ڪرڻ جي صورت ۾ ان کي تحفو ڏيندو آهي. (احياء العلوم، ۲/۶۶۲) گڏوگڏ يقيني جنّتي ٿيڻ ۽ عيبن جي بجائي بي شُمار خُوبين جو مالڪ هئڻ جي باوُجود ارشاد فرمائيندا هئا: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان شخص تي رَحم فرمائي،جيڪو مون کي منهنجا عيبَ ٻُڌائي.

هڪ ڀيري حضرت سَيدُنا سَلمان فارسي رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ اَميرُالمومنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن اُن ڪان پڇيو: مون ۾ ڪهڙي ڳالهہ توهان کي ناپسنديده معلوم ٿيندي آهي؟ حضرت سَيدُنا سَلمان فارسي رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ جن ٻُڌائڻ ڪان مَعَذِرَت ڪئي، اَميرُ المومنين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن اِصرار ڪيو تہ اُنهن عرض ڪيو: مون کي خبر پئي آهي تہ توهان جي دسترخوان تي بہ (2) طعام هوندا آهن ۽ توهان وٽ ڪپڙن جا بہ (2) جوڙا آهن، هڪ ڏينهن ۾ پهريندا آهيو ۽ ٻيو رات ۾. اَميرُ المومنين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو: اِن ڪان عِلاوه ڪا ڳالهہ؟ عرض ڪيائون: ڪا بہ نہ. اِن



www.dawateislami.net

تي پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمايو: اِن ٻنهي ڳالهين جي مُتَعَلِق توهان تسلّي رکو.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ڪو هَمدَرد ۽ مُخلِص اسلامي ڀاءُ اسان کي اسان جي اندر موجود ڪنهن عيب کان مُتَعلّق ڪري تہ رنجيده يا ناراض ٿي ڪري سِرَ جو جواب پٿر سان ڏيڻ يا َاُبتو ان جون ئي ڪمزوريون ڪولڻ جي غَلَطي ڪرڻ جي بجائي ان جو شڪريہ اَدا ڪرڻ گهرجي تہ درحقيقت اهو اسان جو سڀ کان وڏو مُحسن آهي، ڇو جو جيڪڏهن اهو هن عيب کي اسان کان لڪائي وٺي ها تہ ممڪن هو تہ اهو ئي عيب اسان کي هلاڪت ۽ بربادي جي حوالي ڪري ڇڏي ها.اَحاديثِ مبارَڪ ۾ آهي تہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي ان جي عيبن تي مُطّلَع ڪرڻ جي باقاعده ترغيب بہ اِرشاد فرمائي وئي آهي. جيئن تہ،

## مؤمن، مؤمن جو آئينو آهي

سرڪارِ ابد قرار،شفيعِ روزِ شُمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: اَلْمُؤمِنُ مِرْاٰةُ الْمُؤمِنِ وَالْمُؤمِنُ اَخُو الْمُؤمِنِ يَكُفُّ عَنْهُ ضَيْعَتَهُ وَ يَحُوْطُهُ مِنْ وَّرَائِهٖ يعني مؤمن، مؤمن جو آئينو آهي، مؤمن، مؤمن جو ڀاءُ آهي تہ ان کان ان جي هلاڪت کي دُور ڪندو آهي ۽ ان جي غير مَوجُودگي ۾ ان جي حفاظت ڪندو آهي. (ابو داود، ڪتاب الادب،باب فی النصيحة و الحياطة للمسلم،۴/۳۶۵،حديث:۴۹۱۸) هڪ ٻي روايت ۾آهي تہ اِنَّ اَحَدَكُمْ مِرْاٰةُ اَخِيْهِ فَاِنْ رَاٰى بِهٖ اَذًى فَلْيُمِطْ عَنْهُ يعني توهان مان هر هڪ پنهنجي ڀاءَ جو آئينو

---

1... احياء العلوم،۳/۱۹۴-۱۹۵ ملخصاً



www.dawateislami.net

آهي، تہ جيڪڏهن ان ۾ بُرائي ڏسي تہ ان کي گهرجي تہ ان کان اها بُرائي دُور ڪري . ( ترمذی،کتاب البر والصلة،باب ،ما جاء فی شفقة المسلم ...الخ،۳۷۳/۳،حديث:۱۹۳۶)

مُفَسِرِ شَهِير، حڪيم الاُمَّت مفتي اَحمد يار خان رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ بَيان ڪيل حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا تہ جيئن آئينو چهري جا سمورا عيب ۽ خُوبيون ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي، ائين ئي مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيب تي ان کي مُطَّلَع ڪندو رهي تہ جيئن اهو پنهنجي اِصلاح ڪري. مطلب هي تہ خُوار ڪرڻ ممنوع آهي، اِصلاح ڪرڻ ثواب، (مزيد لکن ٿا تہ) آئينو ان لاءِ ڏسندا آهن تہ پنهنجي چهري جا تورا گهٽا داغ ڏيا نظر اچي وڃن. طبيب وٽ ان لاءِ ويندا آهن تہ اتي علاج ٿي وڃي، ائين ئي مومنن جي صحبت نهايت مُفِيد آهي. اِن لاءِ صُوفياء رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی اَجْمَعِيۡن فرمائن ٿا تہ هميشہ پنهنجي مُرِيدن، پنهنجي شاگردن وٽ نہ ويهو، جيڪو هر وقت توهان جون تعريفون ئي ڪندا آهن بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي مُرشِدن، پنهنجي استادن، پنهنجي بزرگن وٽ بہ ويهو جتي توهان کي پنهنجي ڪمزوري نظر اچي. هاٿي، جبل کي ڏسي ڪري پنهنجي حقيقت کي سڃاڻيندو آهي، هميشہ حُضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عظمتن ۾ غور ڪندا ڪريو تہ جيئن پنهنجي گنهگاري، پنهنجي ڪمزوري محسوس ٿيندي رهي. مُحَقِّقِين صُوفياء رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی اَجْمَعِيۡن هن حديث جي هي معنيٰ ڪندا آهن تہ مؤمن جڏهَن ڪنهن مسلمان ۾ عيب ڏسي تہ سمجهي تہ هي عيب مون ۾ آهي جيڪو ان جي اندر مون کي نظر اچي رهيو آهي، جيئن آئيني ۾ پنهنجي جيڪي داغ ڏيا نظر ايندا آهن، اهي پنهنجي چهري جا هوندا آهن نہ ڪي آئيني جا. (مرآة المناجيح،۵۷۱/۶)

تُو نے دُنيا ميں بھی عيبوں کو چُھپايا يا خدا
حَشْر ميں بھی لاج رکھ لينا کہ تُو سَتّار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!   صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪيل حديثِ مبارَڪ ۽ ان جي شرح مان معلوم ٿيو ته اسان کي اهڙن جي صحبت کان فيضياب ٿيڻ گهرجي ته جن جي بَرَڪت سان اسان کي پنهنجي ذات ۾ موجود عيبن جي اِصلاح جو موقعو نصيب ٿئي. افسوس جو هاڻي اهڙي مدني سوچ ڪٿي! هاڻي ته اهو نازڪ دؤر اچي ويو آهي جو اسان پنهنجون ڪوڙيون تعريفون ڪرڻ وارن ۾ ها ۾ ها مِلائڻ وارن کي ئي پنهنجو محبوب ۽ مُحسن سمجهون ٿا ۽ جيڪو اسان جي اصلاح جي لاءِ اسان کي آئينو ڏيکاري اسان جي اَصليت ٻُڌائي، ان کي پنهنجو سڀ کان وڏو دشمن سمجهندا آهيون.

## اِيمان جي ڪمزوريءَ جي علامت

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعه 1285 صفْحن تي مشتمل ڪتاب " اِحياءُ العُلوم" جلد 3 صفحي 196 تي حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: دِين دار ماڻهن جي هيءَ خواهش هوندي هئي ته اهو ٻين جي ٻُڌائڻ سان پنهنجي عيبن تي مُطَّلَع ٿين، پر هاڻي اهڙو دَؤر اچي ويو آهي ته اسان کي نصيحت ڪرڻ ۽ اسان جي عيبن تي مُطَّلَع ڪرڻ وارو اسان کي سڀ کان وڌيڪ ناپسنديده معلوم ٿيندو آهي ۽ هيءَ ڳالهه اِيمان جي ڪمزوريءَ جي علامت آهي. بُرا اَخْلاق، ڏنگِڻ واري نانگ ۽ وِڇونءَ وانگر آهن. جيڪڏهن ڪو اسان کي هي ٻُڌائي ته تنهنجي ڪپڙن جي اندر وِڇون آهي، ته اسان خُوش ٿي ڪري ان جو اِحسان مڃينداسين ۽ وِڇونءَ کي پنهنجي ڪپڙن مان ڪڍي ڪري ماري ڇڏينداسين، حالانڪ وِڇونءَ جو زهر صِرْف بدن تائين مَحدود آهي ۽ ان جي تڪليف هڪ يا ٻه ڏينهن تائين رهندي آهي، جڏهن ته بُري اَخْلاق جي زهر جو اَثر اسان جي



www.dawateislami.net

ضمير تي ٿيندو آهي ۽ هن ڳالھ جو خَوف ٿيندو آهي تہ مَرڻ کان پوءِ هميشه يا وڏي عرصي تائين اَثر باقي رهي. هاڻي حالت هي آهي تہ ڪو اسان کي اسان جي عيبن تي مُطَّلَع ڪري تہ اسان هي ٻُڌي ڪري خُوشي نٿي ٿئي ۽ نہ ئي اسان ان جي ٻُڌائڻ تي اُن عيبن کي دُور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون بلڪ اسان نصيحت ڪرڻ واري کي تنقيد جو نشانو بڻائيندا آهيون ۽ ان کي چوندا آهيون تہ تو ۾ بہ تہ فُلان فُلان عيب آهن.[1]

بَهرحال هن ڳالھ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ حاڪم هجي يا محڪوم، سيٺ هجي يا نوڪر، افسر هجي يا مزدُور، ڊاڪٽر هجي يا مريض، ٺيڪيدار هجي يا مِستَري، استاد هجي يا طالبِ علم، ٻاجائي هجي يا ڏيرياڻي، سَس هجي يا نُنهن، الغَرَض عيب جوئيءَ جي هن منحوس بيماريءَ هر طبقي ۾ پنهنجا چنبا کُپائي رکيا آهن. انسان جڏهن ڪنهن جون ڪمزوريون ظاهر ڪرڻ تي اچي ويندا آهن تہ اهي اَخلاقيات جون تمام حدون پار ڪري ڇڏيندا آهن ۽ خُوني رِشتا بہ ان جي نظر ۾ بي قدر ۽ بي قيمت ٿي ويندا آهن ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن اهڙي بدبختي غالب اچي ويندي آهي جو هدايت جي روشن تارن يعني صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جهڙي مُقدَّس هستين تي بہ طَعن ۽ تَشۡنِيع ڪرڻ ۾ مبُتلا ٿي ويندا آهن ۽ اُهي پاڪيزه شخصيات بہ ان بد نصيب کي مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ عيب دار نظر ايندين آهن. اهڙن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفۡيہ تدبير کان ڊڄي وڃڻ گهرجي، ڇو جو صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ وارو دُنيا ۾ بہ ذِلّت جو مَزو چکندو آهي ۽ مَرڻ کان پوءِ بہ ذِلّت ۽ خواري ان جو مقدَّر بڻجي ويندي جئين تہ

---

1… احياء العلوم،۳/۱۹۶ بتغير قليل



www.dawateislami.net

پنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بَحروبَر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: منهنجي صحابہ جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو، مون کان پوءِ اُنهن کي (تنقيد جو) نشانو نہ بڻايو، جنهن اُنهن سان مَحَبَّت رکي، تہ ان منهنجي مَحَبَّت جي سبب اُن سان مَحَبَّت رکي ۽ جنهن اُنهن سان بُغض رکيو، تہ ان مون سان بُغض جي سبب اُنهن سان بغض رکيو ۽ جنهن اُنهن کي اَذِيت ڏني، ان مون کي اَذِيت ڏني ۽ جنهن مون کي اَذِيت ڏني، ان الله تعاليٰ کي اَذِيت ڏني ۽ قريب آهي تہ الله تعاليٰ ان جي پڪڙ فرمائي وني.

(ترمذی،کتاب المناقب ،باب فی من سبّ اصحاب النبی ،حدیث: ۳۸۸۸، ۵/۴۶۳)

عَداوت اور کینہ اُن سے جو رکھتا ہے سینے میں
وہی بدبخت ہے ملعون ہے مردود شیطانی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اچو تہ! هاڻي آئون توهان جي سامهون صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شانِ عاليشان ۾ عيب تلاش ڪرڻ واري هڪ بدنصيب شخص جي عبرت ناڪ انجام تي مشتمل هڪ حڪايت پيش ڪندو هلان، جيئن تہ

## صحابہءِ ڪرام ۾ عيب ڪڍڻ جو انجام

حضرت سَيدُنا امام جلالُ الدّين سُيوطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نقل فرمائن ٿا تہ هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن اِرشاد فرمايو: منهنجو هڪ پاڙيسري گمراهيءَ جون ڳالهيون ڪندو هو، ان جي مرڻ کان بعد مون ان کي خواب ۾ ڏٺو تہ ڪاڻون آهي. مون پڇيو: هي ڇا مُعاملو آهي؟ جواب ڏنائين: مون صَحابَہءِ ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي مبارَڪ شان ۾ عيب ڪڍيا، الله عَزَّوَجَلَّ مون کي عيب دار ڪري ڇڏيو. هي چئي ڪري ان پنهنجي ٺيڙي اک تي هٿ رکي ورتو.

(شرحُ الصُّدور،باب فی نبذ من اخبار ...الخ، ص۲۸۰ ملخصاً)



www.dawateislami.net

محفوظ سَدا رکھنا شَہا!بے اَدَبوں سے　　　　اور مجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪيل واقعي مان جتي اسان کي صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي شان ۽ عظمت معلوم ٿي، اُتي هي بہ سکڻ لاءِ مليو تہ جيڪڏهن زبان کي آزاد ڇڏيو وڃي تہ ڪڏهن ڪڏهن هي عيب جوئي ۾ ان خطرناڪ حد تائين بہ قابو ٿي ويندي آهي تہ الله وارن جي شان ۾ بہ بَڪ بَڪ ڪرڻ لڳندي آهي، تنهنڪري اِن کي قابو ۾ رکڻ اِنتهائي ضروري آهي، نہ تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اها ئي زبان اسان کي روزِ محشر ذليل ۽ رُسوا ڪري ڇڏي، جيئن تہ هڪ بُزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: زبان هڪ شڪاري جانور وانگر آهي، جيڪڏهن تون ان کي بَڌي ڪري نہ رکندي تہ هيءَ تنهنجي دُشمن بڻجي ويندي ۽ تو کي نُقصان پهچائيندي.

(المستطرف ،الباب الثالث عشر ...الخ ،الفصل الاول فی الصمت وصون اللسان ، ۱ / ۱۴۶)

ياد رهي تہ هڪ مُسَلمان تي حق آهي تہ اهو نہ ڪنهن کي گار ڏئي، نہ بِلا اجازتِ شَرعي ڪنهن کي بُرو چئي، نہ ڪنهن جي غيبت ڪري ۽ ٻُڌي، نہ ڪنهن جا عيبَ ظاهر ڪري، نہ ڪنهن جا راز کولي، نہ ڪنهن کي تڪليف ڏئي، نہ ڪنهن جي دل آزاري ڪري، نہ بِلا اجازتِ شَرعي ڪنهن کي ماري ۽ نہ ئي ڪنهن کي بي جا تنقيد جو نشانو بڻائي. حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ سرڪارِمدينہء مُنَوَّره، سردارِمڪہء مڪرَّمہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: اَلۡمُسۡلِمُ مَنۡ سَلِمَ الۡمُسۡلِمُوۡنَ مِنۡ لِّسَانِهٖ وَيَدِهٖ يعني ڪامل مسلمان اهو آهي تہ جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن.

(بخاری،کتاب الایمان،باب المسلم مَن ...الخ،۱/۱۵،حدیث:۱۰)



www.dawateislami.net

## بُرائيءَ جو ساٿ نہ ڏيو

کجھ ماڻھون پاڻ تہ عيب جوئي ناھين ڪندا، پر شيطان مَڪار بين طريقن سان اُن کي پنھنجي جال ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪندو آھي ۽ اھو ھن طرح جو جڏھن ڪنھن مجلس ۾ مسلمانن جي لڪيل عيبن کي ظاھر ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيندو آھي، تہ اھڙا ماڻھون اُنھن کي ھن بُري ڪم کان روڪڻ يا اُتان کان اُٿڻ جي بجائي اُبتو اُن جي ڳالھين کان لُطف اَندوز ٿيندا آھن ۽ ٿھڪ بلند ڪندي نظر ايندا آھن ۽ ھن طرح مسلمانن جي عزّتن جو سَرِ عام تماشو بنائڻ ۾ شريڪ ٿي ويندا آھن. حالانڪ ھئڻ ھي گھرجي ھا تہ جيڪڏھن ڪو ڪنھن جي خَطا يا ان جي عيب جو تذڪرو ان جي موجودگيءَ ۾ يا غير موجودگيءَ ۾ شروع ڪري تہ ڪا شرعي مَصلَحت نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ثوابِ آخِرت ڪمائڻ جي نِيت سان فوراً مسلمان جي عزّت جي حفاظت ڪندي بُرائي بيان ڪرڻ واري کي ان بُري ڪم کان اَحسن انداز ۾ منع ڪيو وڃي، نہ تہ گھٽ ۾ گھٽ دل ۾ بُرو ڄاڻيندي ان مجلس کي ڇڏيو وڃي.

## عزتِ مسلم جي تحفظ جي فضيلت

مُصطَفٰي جانِ رَحمت، شمعِ بزمِ ھدايت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عافِيت نشان آھي: جيڪو پنھنجي (مسلمان) ڀاءُ جي غير موجودگيءَ ۾ ان جي عزّت جو تَحَفُّظ ڪري، تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي ذِمَّہ ڪرم تي آھي تہ اھو ان کي جھنّم کان آزاد ڪري ڇڏي. (مُسندِ احمد،من حديث اسماء ابنة يزيد،۱۰/۴۴۵،حديث:۲۷۶۸۰)

ھڪ ٻي جڳھ تي اِرشاد فرمايو: جنھن دُنيا ۾ پنھنجي ڀاءَ جي عزَّت جي حفاظت ڪئي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ قِيامت جي ڏينھن ھڪ فِرشتو موڪليندو، جيڪو جھنّم کان ان جي حفاظت فرمائيندو.

(موسوعة لابن ابی الدنيا،کتاب الغيبة و النميمة،باب ذم المسلم عن عرض اخيه،۴/۳۸۵،حديث:۱۰۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عمومًا ڀريان جي مسلمانن ۾ خَوفِ خُدا وڏي حد تائين نظر ايندو هو، بِالْخُصُوص مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ۽ اُن جي عزّت جي حفاظت جي مُعاملي ۾ ته اُنهن جو انتهائي زبردست مَدَني ذهن ٺهيل هوندو هو، جيڪڏهن اُنهن جي سامهون ڪو شخص ڪنهن مسلمان جي غيبت ڪندو يا ان جي معمولي به بُرائي ڪندو هو ته اُن جي غيرتِ ايماني جاڳي پوندي هئي ۽ اهي پنهنجي پَرائي جي پرواهه ڪرڻ جي بغير عيب جوئي ڪرڻ واري کي سڌي سنئين انداز ۾ هن بُري ڪم تي خبردار ڪري ڇڏيندا هئا. اچو ته! انهيءَ متعلق به (2) اِيمان اَفروز واقعا سماعت ڪريون. جيئن ته

## پُٽ کي نصيحت

حضرت سَيِّدُنا شيخ سَعْدِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ننڍپڻ جو واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: آئون ننڍپڻ ۾ پنهنجي والدِ محترم سان گڏ شبِ بيداري ۾ مصروف هئس ۽ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪري رهيو هئس. اسان جي اِرد گِرد ڪجهه ماڻهون سُتل هئا. مون پنهنجي والد صاحب کي چيو: اِنهن ماڻهن مان هڪ به اهڙو ناهي جيڪو سجاڳ ٿي ڪري ٻه رَڪعتون نماز اَدا ڪري وٺي، اِهڙي طرح سُتا پيا آهن ڄڻ انهن کي مَرِ ٿو ئي ناهي. هي ٻُڌي ڪري منهنجي والدِ محترم جن جواب ڏنو:اي منهنجي جان! جيڪڏهن تُون به سُتل هجين ها ته ان کان بهتر هو ته ماڻهن جي عيب جوئي ڪرين ها.

(حکایاتِ گلستانِ سعدی،حکایت نمبر ۴۸،ص۷۵ ملخصاً)

آج بنتا ہوں مُعزز جو کُھلے حشر میں عیب آہ! رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یا ربّ

(وسائلِ بخشش ص:85)



www.dawateislami.net

## امانت ۾ خِيانت ڪرڻ وارو

هڪ عقلمند جي سامهون ڪنهن سجاڻپ واري هڪ مُسَلمان جي غيبت ڪئي، ان عقلمند چيو: اي شخص! پهريان منهنجو دل فارِغ هو، هاڻي تو غيبت جي ذريعي منهنجو دل ان مُسلمان جي عيبن جي مُتَعَلِّق وَسوَسن ۽ نَفْرتن ۾ مشغول ڪري ڇڏيو ۽ ان مُسَلمان ڪي منهنجي نظر ۾ ڪم تَر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اهڙي طرح تون بہ منهنجي آڏو ڪِنو ٿي وئين، ڇو جو آئون سمجهندو هئس تہ تون اَمانت دار آهين ۽ ڳالهِ ڪي چڱي طرح لڪائڻ وارو آهين، هاڻي جڏهن تہ تو ان جو عيب ظاهر ڪيو تہ معلوم ٿي ويو تہ تون اَمانت دار ناهين، تنهنجي دل ۾ ڪا ڳالهِ رُڪي نٿي.

(تَنبِيہُ الغافِلين،باب النميمۃ، ص٩٢ مفهوماً)

منا منا اسلامي ڀائرؤ! توهان ڏٺو تہ هي حضرات مسلمانن جي عزّت ۽ نامُوس جو ڪيتري حَسين انداز ۾ دِفاع فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن اُن جو ڪو پنهنجو بہ ڪنهن مُسَلمان جي غِيبت يا بُرائي ڪندو هو تہ رشتيداري يا دوستيءَ جو لِحاظ ڪندي ان جي ڳالهِ ڪي خاموشيءَ سان ٻُڌي وٺڻ يا ها ۾ ها مِلائڻ جي ناداني ڪرڻ جي بجائي اِصلاح جي نِيت سان اَحسن انداز ۾ ان کي نيڪي جي دعوت ڏيندي ۽ هن ڳالهِ جو اِحساس ڏياريندا هئا تہ مُسَلمان جي غيبت ڪرڻ يا ان جا عيبَ ظاهر ڪرڻ ڪان جتي هڪ مسلمان جي عزّت خراب ٿيندي آهي اُتي پاڻ غيبت ڪرڻ ۽ عيب ظاهر ڪرڻ وارو بہ ماڻهن جي نظرن ۾ پنهنجي اَهمّيت وڃائي ويهندو آهي. ياد رکو! ماڻهن جي عيبن جي ڳولها ۾ مشغول رهڻ وارو شخص در حقيقت الله عَزَّوَجَلَّ سان دُشمني ڪري وٺندو آهي جيئن تہ حضرت سَيِدُنا بڪر بن عَبۡد مُزني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: جڏهن



www.dawateislami.net

تون ڪنهن شخص کي ڏِسين ته اهو ماڻهن جي عيبن جو وڪيل بڻيل آهي ته ڄاڻي وٺ ته اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو دُشمن آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفِيه تدبير جو شڪار آهي. (تنبيہ المغترين،الباب الثالث ...الخ،ومن اخلاقہم:الاشتغال بعيوب الناس ...الخ، ص۱۹۷)

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اِصلاحِ اُمّت جي مقدس جذبي جي تحت، بي جا ستائڻ وارن، دِل ڏُکائڻ وارن، چغلي ۽ تهمت جي مرض ۾ مبتلا مريضن، گاريون بڪڻ وارن، مسلمانن جي عيب لڪائڻ جي بجائي خوامخواه ٻين سان تذڪرو ڪرڻ وارن، ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارن، غيبتن جو بازار گرم ڪرڻ وارن کي تاڪيد ڪندي، احسن انداز ۾ سمجهائيندي اِرشاد فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| جو ستاتے رہیں دل دُکھاتے رہیں | اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول |
| چُغلیوں تہمتوں ، میں جو مشغول ہوں | اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول |
| گالیاں جو بکیں عیب بھی نہ ڈھکیں | اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول |
| داڑھیاں جو مُنڈائیں کریں غیبتیں | اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول |

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تفسيرِ صِراطُ الجِنان ۾ آهي ته پاڻ وڏين وڏين عيبن ۾ مُبۡتَلا هئڻ ۽ ٻين تي طَعۡن ڪرڻ ڪافرن جو طريقو آهي. هيءَ بيماري اسان وٽ ٻه عام آهي ته ماڻهون سڄي دنيا جو بُرائيون ۽ غيبتون بيان ڪندا آهن ۽ پاڻ ان ڪان وڏن عيبن جي گندگيءَ سان ڀريل هوندا آهن. هڪ حديثِ پاڪ ۾ ٻه هن بيماريءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. (صراط الجنان،پ۲،البقرة،تحت الآية:۱،۲۱۷/۳۳۳) جيئن ته حضرت سَيِدُنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي ته حُضورِ اَقۡدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: يُبۡصِرُ اَحَدُكُمُ الۡقَذَاةَ فِيۡ عَيۡنِ اَخِيۡهِ، وَيَنۡسٰى الۡجِذۡعَ فِيۡ عَيۡنِهٖ توهان



www.dawateislami.net

مان ڪنهن کي پنهنجي ڀاءُ جي اک جو ڪَکُ تہ نظر اچي ويندو آهي، پر پنهنجي اک ۾ شهتير (وڏي ڪاني) نظر ناهي ايندي. (يعني ٻين جي ننڍي کان ننڍي بُرائي بہ نظر اچي ويندي آهي ۽ پنهنجي وڏي کان وڏي بُرائي بہ نظر ناهي ايندي)

( ابن حبان،ڪتاب الحظروالاباحة،باب الغيبة،ذكر الاخبار... الخ، ۵۰۶/۷، حديث: ۵۷۳۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عافيت اِنهيءَ ۾ آهي تہ خواه مخواه مسلمانن جي عيبن جي ڳولها ۾ لڳيل رهڻ جي بجائي، هميشہ اُن جي خوبين تي ئي نظر رکي وڃي ۽ پنهنجي اندر پريل عيبن ۽ خامين کي دُور ڪري پنهنجي اِصلاح جي طرف بہ پيش قدمي ڪئي وڃي. مسلمانن جي عيب جوئيءَ جي بُري عادت کان جان ڇڏائڻ، پنهنجي عيبن تي نظر رکڻ ۽ اُن کي دُور ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستگي ۽ روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي مَدَني اِنعامات جو رِسالو پُر ڪرڻ بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني انعامات ۾ مسلمانن جي عيبن جي پَرده پوشيءَ جي باقاعده ترغيب ڏياري وئي آهي، جيئن تہ 72 مدني انعامات مان مَدَني اِنعام نمبر 42 آهي : ”اج توهان ڪنهن مُسَلمان جي عيبن تي مُطَّلَع ٿيڻ تي ان جي پرده پوشي فرمائي يا (بِلا مصلَحتِ شرعي) ان جو عيب ظاهرڪري ڇڏيو؟ ڳُڏوڳُڏ ڪنهن جي راز جي ڳالهہ (بغير ان جي اجازت جي) ٻئي کي ٻُڌائي ڪري خِيانت تہ ناهي ڪئي؟“

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪتاب”غيبت جون تباهہ ڪاريون“ جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشيءِ جا فضائل ۽ اُن جي غيبت ۽ عيب جوئي جي تباه ڪارين جي مُتَعَلّق مزيد معلومات جي لاءِ



www.dawateislami.net

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تصنيف فَيضانِ سنّت جلد دُوَم جو باب "غيبت جون تباه ڪاريون" پڙهڻ انتهائي مُفيد آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان ڪتاب ۾ غيبت جون تعريفون، غيبت ڪرڻ وارن جي عذاب جا دردناڪ واقعا، چغل خوري، تڪبر ۽ ٻين گناهن جي آفتن، علماءِ جي اهميت جي مُتَعَلّق اَهم معلومات، غيبت جا علاج، مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشيءَ جَا فضائل، عيب لڪائڻ جون وعيدون، ڪيترن ئي موضوعات تي غيبت جون سوَين مثالون، حڪايتون ۽ ٻيا بي شمار مدني گُلَ موجود آهن، تنهنڪري اڄ ئي ان ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي کان هديةً طلب فرمايو، پاڻ بہ ان جو مُطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ *www.dawateislami.net* کان ان ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (*Download*) ۽ پرنٽ آؤٽ (*Print Out*) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جامعة المدينہ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرؤ! نمازن ۽ ٻين نيڪ ڪمن تي اِسْتِقامت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دُنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلائيون حاصِل ٿينديون. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي تادمِ تحرير 97 کان وڌيڪ شُعبن ۾ سُنَّتن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، اُنهي مان هڪ شعبو جامعةُالمدينہ بہ آهي. شيخِ طريقت، امِيرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مُقدَّس جذبي جي تحت علمِ دِين کي عام ڪرڻ



www.dawateislami.net

جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي زيرِ اهتمام جامعةُ المدينہ جي سڀ کان پهرين شاخ 1995ء ۾ نيوڪراچي جي عَلاقي گوڌرا ڪالوني بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ ٺهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن وقت تائين دُنيا جي مختلف مُلڪن مثلاً پاڪستان، هند، جنوبي افريقہ، انگلينڊ، نيپال ۽ بنگلاديش وغيره ۾ سَوين جامعةُ المدينہ لِلْبَنِين ۽ لِلْبَنات قائم آهن، جن ۾ هزارين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون عِلْمِ دِين حاصِل ڪري نہ صرف پنهنجي عِلْمي اُڃ وِسائي رهيا آهن بلڪ ٻين کي بہ فيضانِ عِلم سان مُنوّر ڪرڻ ۾ مصروف آهن. جامعاتُ المدينہ جي خُصُوصِيت هيءَ آهي تہ دِيني تعليم سان آراستہ ڪرڻ سان گڏوگڏ طَلَبہ جي اَخْلاقي ۽ رُوحاني تَرْبِيت بہ ڪئي ويندي آهي، تنهنڪري توهان بہ پنهنجي اَوْلاد کي جامعاتُ المدينہ ۾ داخِل ڪرائي اُن جي ۽ پنهنجي دُنيا ۽ آخرت کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪريو.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان مسلمانن جي عيب بيان ڪرڻ جي مذمت، اُن جي عيبن تي پردو وجهڻ جي فضليت ۽ پنهنجي عيبن تي نظر رکندي اُن جي اِصلاح ڪرڻ جي باري ۾ قرآن ۽ حديث جا اِرشادات ۽ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى اَجْمَعِيْن جا اَقْوال ۽ واقعات ٻُڌاسين، قُرآنِ ڪريم ۾ ٻين جي عيبَ معلوم ڪرڻ کان منع ڪندي ارشاد فرمايو ويو (وَّ لَا تَجَسَّسُوْا) (۽ عيب نہ ڳولهيو) گڏوگڏ حديثِ پاڪ ۾ ان شخص کي خوشخبري عطا ڪئي



www.dawateislami.net

وئي آهي، جنهن کي پنهنجي عيبن جي اِصلاح جي مَصروفيت، ٻين جي عيبَ بيان ڪرڻ کان باز رکي ڳڌوڳڌ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان ٻانهي جي حق ۾ هيءَ ڀَلائي جي ڳالھ آهي تہ ان کي پنهنجا عيبَ نظر اچن، اهو ئي سبب آهي تہ اسان جا اَسلاف رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى اَجْمَعِين ٻين جي عُيبن، ڏسڻ ٻُڌڻ کان عافيت طَلَب ڪندا هئا جيئن تہ حضرت سَيدُنا امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن دُعا جي ذريعي ماڻھن جي عضوَن کان وُضو جي وَهڻ وارن قطرن جي ذريعي، اُنهن جي گناهن تي مُطَّلَع ٿيڻ واري ڪشَف کي ختم ڪرائي ڇڏيو، اهڙي طرح حضرتِ سَيدُنا شيخ سَعْدي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان ننڍپڻ ۾ غير ارادي طور تي ماڻھن جي بُرائي سَرزَد ٿي تہ اُن جي والدِ ماجِد جن فوراً خبردار ڪندي ارشاد فرمايو: تہ ماڻھن جي غيبت ڪرڻ جي بجائي، جيڪڏھن تون سُتل رهين ها تہ وڌيڪ بهتر هو، بهرحال ٻين جي بُرائي ڪرڻ وارن يا بُرائي ٻُڌي ڪري لطف اندوز ٿيڻ وارن کي گهرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄن، تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ماڻھن جا عيب ظاهر ڪرڻ جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ اسان جا لڪيل عيب ماڻھن تي ظاهر فرمائي ڇڏي، تنهنڪري فوراً هن گناھ کان توبھ ڪريو ڳڌوڳڌ جن جون غيبتون ۽ بُرائيون بيان ڪري اُنهن کي ذليل ۽ رُسوا ڪيو، اُن کان مُعافي بہ گهُري ونو ۽ آئنده جي لاءِ ٻين جي بُرائي کان بچڻ،صرف پنهنجي عيبن تي نظر رکڻ ۽ اُن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جي نِيت ڪري ونو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارنهن مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم"علاقائي دَوره برائي نيڪي جي دعوت"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ پنهنجي اندر



www.dawateislami.net

اَخلاقي خُوبيون پيدا ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي ٻارنهن مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارنهن مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”عَلاقائي دَوره برائي نيڪي جي دعوت“ بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ، نهايت ئي عظيم الشّان ڪم آهي. جيئن تہ

حضرت سَيدُنا عَلي الْمرتَضيٰ، شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي تہ شاهِ آدم و بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِرشادِ مُعظَّم آهي: جهاد جون چار قسمون آهن: (1) نيڪي جو حڪم ڏيڻ (2) بُرائي کان منع ڪرڻ (3) صَبر جي مقام تي سچ چوڻ ۽ (۴) فاسِقن کان بُغض رکڻ. جنهن نيڪي جو حڪم ڏنو، ان مؤمنن جا هٿ مضبوط ڪيا ۽ جنهن بُرائي کان منع ڪيو، ان فاسِقن جو نڪ مٽيءَ سان ٻري ڇڏيو.[1] گڏوگڏ هڪ حديث ۾ آهي تہ پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان عرض ڪئي وئي: ماڻهن ۾ بهتر ڪير آهي؟ ارشاد فرمايو: پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان زياده ڊڄڻ وارو، رشتيدارن سان صِلَهء رحمي زياده ڪرڻ وارو، وڌ کان وڌ نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ وارو(سڀ کان بهتر آهي).[2] اچو تہ! بطورِ ترغيب علاقائي دَورو برائي نيڪي جي دعوت تي مشتمل هڪ مَدَني بهار ٻُڌون ۽ پنهنجي اندر نيڪي جي دعوت جو جذبو بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. جيئن تہ،

---

1... حِلْيَةُ الْاولياء،محمد بن سوقة،۱۱/۵،حديث : ۶۱۳۰

2... شعب الايمان،باب فى صلة الارحام، ۲۲۰/۶، حديث: ۷۹۵۰



www.dawateislami.net

## باغ جو جُھولو

حيدر آباد (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ پاڙي ۾ عَلاقائي دَورو برائي نيڪي جي دعوت سان مُتاثِّر ٿي ڪري هڪ ماڊرن نوجوان مسجِد ۾ اچي ويو. بيان ۾ مَدَني قافِلن ۾ سفر جي ترغيب ڏياري وئي تہ ان مَدَني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ نالو لکرائي ڇڏيو. اجا مَدَني قافلي ۾ سندس رَوانگي ۾ ڪجھ ڏينهن باقي هئا تہ قضائي الٰهي ڪان ان جو اِنتِقال ٿي ويو. ڪنهن اَهلِ خانہ مَرحوم کي خواب ۾ هن حالت ۾ ڏٺو تہ اهو هڪ سرسبز باغ ۾ هَشّاش بَشّاش جُھولو جُھولي رهيو آهي. پڇيو ويو، هتي ڪيئن آئين؟ جواب ڏنائين: دعوتِ اسلامي جي مَدَني قافلي سان گڏ آيو آهيان، الله عَزَّوَجَلَّ جو وڏو ڪرم ٿيو آهي منهنجي ماءُ کي چئي ڇڏجان تہ منهنجو غم نہ ڪري، آئون هتي وڏي سُک ۾ آهيان.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تری سنّت کا مدينہ بنے آقا | جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانی،۵۵/۱،حديث:۱۷۵



www.dawateislami.net

## سرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچوتہ! شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گُلَ“ مان سُرمي لڳائڻ جون سُنتون ۽ آداب سماعت ڪريون: ﴿1﴾ ”سنن ابن ماجه“ جي روايت ۾ آهي: ”سڀني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. (ابن ماجه، حديث 3497 ج 4 ص 115) ﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروه آهي ۽ زينت جو ارادو نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) ﴿3﴾ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مِراٰة المناجيح ج 6 ص 180) ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائيءَ کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

منا منا اسلامي ڀائرو! تعظيم جا جيترا بہ ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، ٽنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنّتين



www.dawateislami.net

اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

رہوں ہر دم مُسافر کاش ”مَدَنی قافِلوں“ کا میں
کرم ہو جائے مَوْلا گر! عِنایت یہ بڑی ہوگی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيکو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيکڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف کيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيکو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِي کَن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net